SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 2002

استيمپ (بي سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002

THE STAMP (SECOND SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Act II of 1899

3. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Act II of 1899

4. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of Section 17 of Act II of 1899

5. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعه C_27 جي ترميم
Amendment of Section 27_C of Act II of 1899

6. 1899 جي ايڪٽ II جي دفعه 73 جي ترميم
Amendment of Section 73 of Act II of 1899

7. 1899 جي ايڪٽ II جي شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule to Act II of 1899

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 2002

استيمپ (پي سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
THE STAMP (SECOND SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[پهرين آگسٽ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي استيمپ (پي سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (A_22) ۾:

1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Act II of 1899

(i) لفظن "ويهہ کان وڌيڪ ملازم هوندي" کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) لفظن "لاڳو" کانپوءِ لفظن "يا هڪ بئنڪنگ ڪمپني جيئن بئنڪنگ ڪمپنيز (قرضن، ايڊوانسز ڪريڊٽ ۽ فنانسز جي واپسي" ايڪٽ، 1977" کي شامل ڪيو ويندو.

3. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Act II of 1899

"بشرطيڪ جتي ٽڪلين جو وڏو انگ گهربل آهي ۽ انهن جو گهربل انگ دستياب ڪرڻ ممڪن نہ آهي يا مخصوص قسط ۾ ٽڪلين جو گهربل انگ مهيا نٿو ڪري سگهجي تہ، چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس، جيڪڏهن اهو مطمئن آهي تہ ڏيوتي جي رقم درست آهي تہ، اهو سرڪاري ٽريزري ۾ اهڙي رقم جي چالان ذريعي ادائگي جي اجازت ڏئي سگهي ٿو."

4. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 17 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Act II of 1899

"بشرطيڪ رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 جي دفعہ 23 ۾ جاٽايل عرصي دوران رجسٽريشن لاءِ پيش ڪيل دستاويزن

تي استيمپ ڊيوٽي جو ملهه وڌايو ويو آهي تہ اهڙا دستاويز رجسٽريشن لاءِ تيستائين قبول نہ ڪيا ويندا جيستائين ان جي پيش ڪرڻ وقت لاڳو ڊيوٽي درست نموني ادا نہ ٿي ڪئي وڃي.".

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 27_C ۾ لفظ "وڪرو" کي ختم ڪيو ويندو.

1899 جي ايڪٽ II جي دفعہ 27_C جي ترميم
Amendment of Section 27_C of Act II of 1899

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 73 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) جتي ڪو شخص چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس، بورڊ آف ريونيو يا سندس طرفان عمل ڪندڙ شخص جي هن ايڪٽ تحت ڪمن ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو يا درست معلومات لڪائي ٿو جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، تہ چيف ريونيو اٿارٽي اهڙي ماڻهو تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو رڪاوٽ جي صورت ۾ ويهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا لڪايل رقم جي پندرنهن سيڪڙو جيتري بہ رقم لڪائي وئي هجي، لينڊ ريونيو جي رهتن جي مد ۾ وصول ڪئي ويندي.

(3) جتي ڪو شخص ذيلي دفعہ (2) تحت ڏوهہ دهرائي ٿو تہ چيف ريونيو اٿارٽي ڏوهہ لاءِ بيان ڪيل ڏنڊ جي ٻيڻ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي.

1899 جي ايڪٽ II

7. ڄاڻايل ايڪٽ جي شيڊول ۾:

جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule to Act II of 1899

(i) آرٽيڪل 16 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"ڪنوينس" جيئن دفعہ 2(x) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، آرٽيڪل نمبر 31 تحت پر اهو منتقليءَ ڪرڻ تي ورتو وڃي يا چوٽ ڏني وڃي؛	ملڪيت جي ملهہ جو پنج سيڪڙو
(ii) اسائنمينٽ جي طريقي موجب منتقلي جي ليز؛	اهڙي منتقلي لاءِ تجويز ڪي ملهہ جو پنج سيڪڙو؛
(iii) آرٽيڪل 18 لاءِ هيٺيون ريت متبادل ٿيندو:	
"18. ملڪيت جي مٿا سٽا جو دستاويز:	ساڳئي ڏيوڻي جيڪا اهڙي قسط جي سلسلي ۾ وڏي ملهہ واري ملڪيت جي تجويز ڪيل ڪنوينس لاءِ اوڳاڙي لائق هجي.
(iv) آرٽيڪل 23 کانپوءِ هيٺيون نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:	
"A_23. گروي رکڻ معاهدي ۾ يا ڪا ٻي مالياتي قسط يا ڪنهن بئنڪ طرفان ڪنيل قرض تي وياج تي ٻڌل قسطن لاءِ يا ڪا ٻي مالياتي ادائگي." ؛	بياني طور ورتل قرض جي سموري رقم جو هڪ سيڪڙو.
(v) آرٽيڪل 26 جي	

حصي B ۾ انگ "53" لاءِ انگ "1" متبادل ٿيندو.	
(vi) آرٽيڪل 29 جي ڪالم 2 ۾ انگ "0.2" لاءِ انگ "2" متبادل ٿيندو.	

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي